# پنجابي دانشور ۽ مظلوم قومون

(ليننيءَ ماركسوادي تجزيو)

## ابوجيران



مدرلينڊ پبلشرز

ركس
ي چوڻ
ابق ظالم
ابر ۽ حاڪم
رجو پورهيت
توجيستائين
نيا جي مظلوم ۽
جبور ۽ محكوم
وام ۽ بين قومن
ي آزادي ءَ لاءِ نٿو
ڙهي تيستائين پاڻ به
نهنجي حڪمران طبقي
کان آزاد ٿي نٿو سگهي.

مارڪس... قومي مسئلي جو تنقيدي
جائزو ۽ قومن جي خوداختياري ءَ جو حق. صفحه ۹۲

Kamran Noorani,
Given: Sind Kitab Ghar,
Sakrand

# پنجابي دانشور ۽ مظلوم قومون

ڀاڱو پهريون

## ابو جيراني

مدرلينڊ پبلشرز

مدرلينڊ پبلشرز گلشن اقبال ڪراچي.

پهريون ڇپرو جنوري ١٩٨٨ع

ڪاپي رائيٽ مدرلينڊ پبلشرز
سڀ حق واسطا محفوظ
ٽائيٽل ڊزائننگ اسلم وفا

ميان اسلم عباس [ زم زم آرٽ پريس ]

نزد نيشنل اسٽيڊيم گلشن اقبال ڪراچي.

Rs, 18/-

*Punjabi Danishwar*
*&*
*Mazloom Qomoon*

*(Political Literature)*
*By*
*ABU JIBRAN*

*MOTHER LAND PUBLISHERS*

*Gulshan - e - Iqbal KARACHI.*

# وچور


ڏکين لفظن جي سمجهاڻي

اداري پاران ١- ٢

مهاڳ ٣-١٦

باب پهريون ١٧-٣٦

باب ٻيو ٣٧-٥٠

باب ٽيون ٥١-٦٤

باب چوٿون ٦٥-٧٨

باب پنجون ٧٩-٨٩

ضميمو ٩٠-٩٣

امن جو سوال [ پس لفظ ليئن جي لفظن ۾ ] ٩٤-٩٧

پلئامو ٩٨-١٠٠

# سنڌ دوست انقلابي شعور جي نالي

سگهه ڏي اهڙي سچ، جڙيل منهنجي جيءَ ڪي،
ڳچي ٿٿي ڳچ، ته به چوان جو چوڻو هجي.

ايـــاز

# سمجهاڻيون ۽ معنيٰ

## ڪتاب ۾ ڪتب آيل ڏکين لفظن ۽ محاورن جي سمجهاڻي

★ الحاق پرستي = قومن کي زوريءَ ڳنڍي رکڻ واري سوچ

★ اضافي = واڌو

★ اعتدال پسند = وچٿرا خيال رکڻ وارو

★ آمريت = ڊڪٽيٽرشپ- آپي شاهي- پنهنجي هلائڻ

★ اختيار = آزادي، پنهنجي وس ۾ هجڻ

★ امتيازي حق = واڌو ۽ اجايا حق

★ بورزوا = سرمائيدار طبقو

★ بورزوا بين الاقواميت = سرمائيدار طبقي جي بين الاقواميت

★ بورزوا فلاسافر = سرمائيدار جو نمائندو فلسفي مفڪر، دانشور ۽ ڏاهو

★ ٻي انٽرنيشنل = ٻي عالمي پورهيت پارٽي، جنهن لينن جي قومن جي آزاديءَ جي پروگرام جي مخالفت ڪئي

★ پرولتاري = صنعتي مزدور ڪارخاني وارو مزدور

★ پورهيت سماجي فڪر = مارڪسي ليننی نظريو

★ پورهيت بين الاقواميت = آزاد ۽ خودمختيار پورهيت طبقي جي رضاڪارانه برابريءَ واري بين الاقواميت.

★ پليخانوف = روسي مارڪسي دانشور ۽ مفڪر سوشل شاونسٽ، مرڪزيت پسند ڏاهو.

| | |
|---|---|
| ★ تاريخ جون اڻڪاري قومون | = رجعت پرست طبقو ۽ ترقيءَ جا مخالف ماڻهو |
| ★ تاريخي قومون | = تاريخ جوڙيندڙ (پورهيت عوام) |
| ★ تاريخي عمل | = تاريخي وهڪرو- تاريخي تسلسل- تاريخي واٽ |
| ★ تاريخي ضرورت يا تاريخي لزوم | = حالتن جي تقاضا ۽ گهرج |
| ★ تاريخي تسلسل يا وجود | = تاريخ جي ڏکهي عرصي دوران جڙندڙ قومي وجود جون صورتون |
| ★ ٽراٽسڪائي | = عالمي مزدور طبقي جو اڳواڻ پرمرڪزيت پسند ۽ لينن جي قومي آزاديءَ واري فڪر جو انڪاري |
| ★ روماني پسند | = خيالي انقلاب پسند لاڙو |
| ★ زار شاهي | = انقلاب کان اڳ جي روسي حڪومت |
| ★ روزالڪسمبرگ | = مرڪزيت پسند مزدور طبقي جو اڳواڻ |
| ★ سامراجي بين-الاقواميت | = سامراجي نگراني ۾ جڙندڙ بين الاقواميت (قومي آزاديءَ جي انڪاري بين الاقواميت) |
| ★ سوشل شاؤنسٽ | = سماجي جارحيت پسند- جيڪو رڳو طبقاتي جدوجهد تي ڪنڊ ٻڌي بيهي ۽ باقي سماجي تضادن جو انڪاري هجي- |
| ★ شاؤنسٽ شعور | = جارحيت پسند سوچ |
| ★ حدون فاصلا | = مفاصلا ۽ حدون |
| ★ جبر | = ڏاڍ ۽ ضرورت (ٻنهي جي معني ۾ اچي ٿو) |

- ★ فاشسٽ = جارحيت ڪندڙ- اگرائي ڪندڙ
- ★ فلسطائيٽ = آمريت- آپي شاهي
- ★ قومي بورزوا = قومي آزادي چاهيندڙ سرمائيدار طبقو
- ★ قومي جبر = حاڪم قوم طرفان محڪوم قوم تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ
- ★ قومي استحصال = حاڪم قوم طرفان محڪوم قوم
- ★ قوتون = طاقتون، سگهه ۽ گروهه به
- ★ قومي انڪاريت = قومن جي وجود جو انڪار ڪندڙ فلسفو
- ★ قومي اقتدا اعليٰ = قومي راڄ- پنهنجو راڄ ۽ حڪومت
- ★ موقعي پرست = موقعي جي مناسبت سان ڦرندڙ گهرندڙ ماڻهو
- ★ مهاروسي قومپرستي = روسي قوم جي وڏائي پسند ۽ ٻين قومن کي غلام ڪرڻ واري پاليسي
- ★ مرڪزيت پسند = قومن جي الڳ ٿيڻ واري جمهوري حق جو مخالف
- ★ مادي حالتون = سماجي ۽ سياسي ٻيهڪ يا حالتون
- ★ محدود = سوڙهو
- ★ وسيع = ويڪرو - ڪشادو
- ★ مجبوري = ضروري - لاچاري
- ★ نتيجو = لاب - حاصلات
- ★ يوٽوپائي = تصوراتي - خيالي

مدرلينڊ پبلشرز جو ايندڙ
ڪتاب

پنجابي دانشور ۽ مظلوم قومون
جو پاڱو پيو

# پاڪستان پرست دانشور
۽
# قومي سوال

ليکڪ :- ابوجيراڻ

ڏيندو آهي ته سوين بهانا ۽ ڍونگ ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو پنجابي سوشل شائونسٽ دانشور مڪار ته آهن ئي پر باقي بهانا ۽ ڍونگ سي سندن ڪيسي ۾ پيل آهن.

★ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڄ تائين پنجابي حڪمران طبقي سان فڪري طور سلهاڙجي پنجابي سوشل شائونسٽ دانشورن جيڪي به رياڪاريون ۽ مڪاريون ڪيون آهن ضروري آهي ته انهن ڪي اگهاڙو ڪري پنهنجي مظلوم قوم جي مظلوم عوام جي اڳيان پيش ڪيو وڃي. انهيءَ ۾ ڪيتري قدر سڦل ويو آهيان. انهيءَ جو فيصلو ترقي پسند، جمهوريت پسند، وطن دوست، عوام دوست، قوم پرست ۽ انقلابي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ڪارڪن ئي ڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ جو اهي ئي مارڪسزم ۽ لينزم جي "پورهيت پيغام" کي عمل جي دنيا ۾ پرکيندڙ آهن. اهو هن ڪري به جو مارڪسي ليننی "پورهيت پيغام" کي پرکڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ ۽ سڀ کان اعتماد جوڳي ڪسوٽي عمل ئي آهي. سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي پيهڪ مارڪسي- ليننی پورهيت پيغام کي ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت قبولڻ لاءِ سازگار آهي. اهو آهي انقلابي ڪارڪن ئي وڏيڪ ڄاڻي سگهن ٿا. جيڪي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي انقلابي جدوجهد ۾ رڌل آهن.

ابو جبران

١٧ جنوري- ١٩٨٨ع

ظالم ۽ مظلوم قومن جو مزدور اتحاد مضبوط ٿي نه سگهندو.

ڇاڪاڻ جو ظالم قوم جو مزدور طبقو جڏهن مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي جمهوري حق کي تسليم ڪري انهيءَ لاءِ جدوجهد ٿو ڪري تڏهن اهو ازخود پنهنجي ظالم قوم جي بالادستيءَ ۽ سمورن غير جمهوري امتيازي حقن جي خلاف جنگ ٿو ڪري، تنهن ڪري، سچو پڪو بين الاقواميت پسند ٿئي ٿو. پر جڏهن ظالم قوم جو پورهيت طبقو، مظلوم قومن جي مزدورن کي چئي ٿو ته اهي مظلوم قومن جي قومي علحدگيءَ يا قومي رياست جي جمهوري حق لاءِ ويڙهاند ڪرڻ ڇڏين، تڏهن حاڪم قوم جو پورهيت طبقو پنهنجي بين الاقواميت پسند فرض کان ٿڙي وڃي ٿو ۽ پنهنجي حاڪم قوم جي بالادستيءَ کي جائز سمجهي ٿو ۽ انهيءَ جي غير جمهوري امتياز ۽ حقن جي حفاظت ڪري ٿو، پورهيت طبقي کي ڪڏهن به ۽ ڪهڙي به حالت ۾ غير جمهوري امتيازي حقن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به ظالم قومن جو مزدورطبقو توڙي سوشلسٽ مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي حق جي خلاف لڙندو آهي، تڏهن سندس اهو عمل ظالم قوم جي جارحيت پسند قوم پرستيءَ جي حق ۾ ويندو آهي جنهن کان پورهيت طبقي ۽ هڪ حقيقي سوشلسٽ کي نارو ڪرڻ گهرجي. لينن جڏهن به جارحانه قوم پرستيءَ جي خلاف ڳالهايو آهي، تڏهن سندس گهڻو تڻو اشارو مهاروسي قوم پرستيءَ جي خلاف رهيو آهي.

ii

★ هتي هڪ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته سوويت يونين جي سوويت جمهوريائن ۾ (۱۴) ڪميونسٽ پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. جيڪي ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين سان لاڳاپيل آهن. جنهن جو مطلب ته هر سوويت رياست کي الڳ الڳ پنهنجي ڪميونسٽ پارٽي به آهي جيڪي جمهوري مرڪزيت هيٺ ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين سان سلهاڙيل آهن.

چوڻ جو مطلب آهي ته پوءِ هتي هڪڙي مرڪزي پورهيت پارٽي ڇالاءِ آهي ۽ هرهڪ قوم جي الڳ الڳ پورهيت پارٽي ڇو ڪين آهي جيڪي جمهوري مرڪزيت هيٺ ملڪ جي پورهيت پارٽيءَ سان رابطي ۾ رهندي پنهنجو الڳ الڳ قومي ۽ طبقاتي پروگرام تي عمل ڪن. جڏهن ته سوويت يونين ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ائين آهي ته پوءِ هتي هڪ مرڪزيت پسند پارٽيءَ جو وجود ڇو آهي ۽ هتي ٻه ڇو نه هر قوم جي الڳ پورهيت پارٽي هجڻ گهرجي پر هتي ڏنو ويو آهي ته جڏهن ٻه محڪوم قومن ۾ ڪا پورهيت پارٽي جڙندي آهي ته پاڪستان پرست پنڊتن ڪي ڦڦڙي وٺي وبندي آهي ۽ چوندا آهن ته اها سندن مرڪزي جا گيرجي مخالفت ۾ مزدوردشمني ۽ بين الاقواميت جي خلاف ورزي آهي. فلاڻ آهي وغيره وغيره.

اسين سنڌ جا انقلابي ۽ ڪميونسٽ ڪين واضح طور ٻڌايون ٿا ته سندن اهي چالاڪيون ۽ مڪاريون هاڻي گهڻي وقت جي لاءِ ڪارگر ٿي نه سگهنديون ڇاڪاڻ جو سنڌ جي مارڪسٽ لينسٽ انقلابين ۽ ڪميونسٽن ڇاڻي ورتو آهي ته پاڪستاني سوشل شاؤنسٽن جي اصل نيت ڪهڙي آهي، مظلوم ۽ محڪوم قومن جي عوامي ثقافتن ۽ ٻولين بلڪ قومي وجود ۽ تاريخ جي مٿان مسلم مغليه ثقافتي سامراج جي بالادستي قائم ڪري پنجابي شاؤنسٽ شعور سان سلهاڙجي اُردو قومي زبان جي بنياد تي هڪ پاڪستاني قوم جي تشڪيل ۽ ترتيب. هيءُ هڪ سوچيل سمجهيل فسطائي منصوبو آهي، جنهن تي ملڪ جو فاشسٽ حڪمران طبقو اڳئي جارحانه طريقي سان عمل پيرا آهي ۽ پاڪستاني سوشل شاؤنسٽن جي سوچ سمجهه ۽ رويو ۽ عمل پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جيڪا مظلوم قومن جي قومي وجود جي خاتمي لاءِ ڪاٻي طرف کان حملي آور آهي جنهن کي هتي جي مظلوم قومن جي ترقي پسند جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ وطن دوست انقلابي قوتن کي هرحال ۾ ناڪام ۽ نامراد ڪرڻو آهي ۽ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي آزاديءَ جي جهنڊي کي اوچو ۽ اتاهون رکڻو آهي.

ڏنو ويو آهي ته جيڪي قومون ٻين قومن کي ڦرينديون ۽ لٽينديون آهن سڀ پنهنجي عوام کي ڪم چور، نڪمو، غيرتخليقي ۽ غيرانقلابي رجعت پرستيءَ جي ڄار ۾ وڪوڙينديون آهن. انهيءَ ڪري جيستائين ڦورو قومن کان ڦرمار جا ذريعا کسيا نه ويندا تيستائين انهن قومن جو ڦورو ڪردار بدلجي نٿو سگهي. جنهن ڪري انهن قومن جو مظلوم طبقو پنهنجي ظالم طبقي جي خلاف جنگ به ڪري نٿو سگهي. ڇاڪاڻ جو محڪوم قومن جي ڦرمار تي حاڪم قومن جي عوام ۾ رجعت پرستيءَ جي ريشن کي هٿي ملندي رهندي آهي. پنجابي ماڻهو به تيستائين ڪا انقلابي جدوجهد نه ڪندا ۽ نه انهن کي ڪرڻي آهي، جيستائين سنڌي، بلوچ، پختون ۽ سرائڪي مظلوم قومن جي خون ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي جا چنبا کتل آهن. جيستائين پنجاب جون خوشحال مادي حالتون تبديل ٿي محڪوم قومن جي مادي حالتن جي بيهڪ اختيار نه ٿيون ڪن تيستائين مجموعي پنجابي عوام انقلابي ٿي نٿو سگهي.

عظيم اڪتوبر انقلاب استحصالي طبقن کي سبق سيکاري ڇڏيا آهن، حڪمران طبقن پنهنجا اڳوڻا ڍنگ بدلي ڇڏيا آهن. جيڪي زارشاهي حڪومت پنهنجي مظلوم عوام لاءِ ڪتب آندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو حاڪم قومون محڪوم قومن جي ڦرمار ڪن ٿي ان ڪري ٿيون ته جيئن پنهنجن ماڻهن کي ڦرمار ۾ شريڪ ڪري کين غير تخليقي ۽ غيرانقلابي رجعت پرستيءَ جي ڄار ۾ ڦاسايو وڃي، جيئن يورپ جي سامراجين ڪيو آهي، جنهن ۾ اهي عارضي طور ئي سهي پر ڪامياب ويون آهن، نه ته ڪو سبب ٿي ڪونهي جو ريگن جهڙو رت پياڪ ماڻهو، ڪميونزم جي دشمنيءَ جي بنياد تي آمريڪي عوام کان ووٽ وٺي ڪامياب ٿي وڃي پر اها عالمي سامراج جي حڪمت عملي آهي جنهن آمريڪا جي باشعور عوام کي به رجعت پرستيءَ جي ڌٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي.

V

★ "انقلاب سامراج جي زنجير جي سڀ کان ڪمزور ڪڙيءَ تي وار ڪري آندو وڃي ٿو" پاڪستاني رياست ۾ سامراجي زنجير

سنڌ جي انقلاب جي نہ رڳو مدد ڪري سگهي ٿي پر بچاءَ جي ضمانت بہ ڏئي سگهي ٿي.

★ ”ويٽنام فرانسين جي قبضي ۾ هو تڏهن بہ پرولتاري بين الاقواميت جو شاندار مظاهرو ڪندي، فرانسي ڪميونسٽ پارٽيءَ هند چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ ۾ خاص طور مدد ڪئي هئي.“ ائين جيئن هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي برطانوي ڪميونسٽ پارٽيءَ مدد ڪئي هئي“ برابر ٺيڪ آهي هئا فرانس ۽ برطانيا جا ڪميونسٽ، جيڪي حقيقي پرولتاري بين الاقواميت جا حامي هئا. انهيءَ ڪري انهن اهڙين ڪميونسٽ پارٽين کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جيڪي سندن ئي ظالم ۽ حاڪم قومن جي خلاف محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ لاءِ جوڙيون ويون هيون. فرانس يا برطانوي ڪميونسٽن ۾ جيڪا ڪميونسٽ ايمانداري ۽ سچائي هئي ايتري سچائي هتي جي پاڪستان پرست ڪميونسٽ تحريڪ ۾ آهي؟ جو اها هتي جي مظلوم قومن جي ڪميونسٽ قوتن جي اهڙي مدد ڪري سگهي، هر گز نہ........ ڇاڪاڻ جو هتي ڪابہ حقيقي ڪميونسٽ تحريڪ موجود ئي ڪانهي هتي تہ رڳو سوشل شائونسٽ پارٽيون آهن جيڪي محڪوم قومن جي قومي آزادي ۽ انقلاب جون اهڙيون ئي ڪٽر مخالف آهن جهڙيون سامراج نواز حڪمران ٽريون ۽ سامراج نواز فوجي ادارو آهي. جڏهن هتي ڪا اهڙي بين الاقواميت پسند پارٽي موجود ڪانہ آهي، جيڪا محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ڪميونسٽ قوتن جي حمايت ڪري سگهي تہ پوءِ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي پورهيت طبقي ۾ وچڙندڙ ڪميونسٽ پارٽيون ئي رڳو اهڙيون پارٽيون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي پاڪستاني پنڊتن جي رياڪارين ۽ مڪارين جا پول پڌرا ڪندي، پنجابي پرماريت کان مظلوم ۽ محڪوم قومن جي عوام کي آزاد ڪرائي سگهن ٿيون.

★ **دنياجي مظلوم** ۽ محڪوم قومن جي عوام کي قومي آزادي حاصل ڪرڻ جو حق آهي. چاهي اهي ڪيڏيون بہ ننڍڙيون

رياست جي قائم ڪرڻ جو حق" جيڪو انهيءَ حق جي مخالفت ڪري ٿو اهو مارڪسٽ ۽ ليننسٽ ٿي نٿو سگهي، پر اهو سوشل شاوُنسٽ آهي. اهو بين الاقواميت پسند ٿي نٿو سگهي پر مرڪزيت پسند آهي. ڇاڪاڻ جو قومي آزاديءَ جو ٺاهه قومي انڪارين جي مڪتب فڪر سان ٿي نٿو سگهي پر پورهيت بين الاقواميت پسند سان آهي.

طبقاتي ۽ سامراجي مفادن جي بچاءَ لاءِ هڪ سازش تحت وجود ۾ آندو هو. پر جي ٿوري گهڙيءَ لاءِ مڃجي ڪٿي به ته اهو رضاڪارانه الحاق هو. تڏهن به اهو پنهنجي ضد يعني جبري الحاق ۾ تڏهن بدلجي ويو هو، جڏهن مظلوم ۽ مجبور قومن جي قومي حاڪميت تي حملو ڪيو ويو هو. يعني جڏهن بلوچستان تي فوجي چڙهائي ڪئي وئي، بنگالي عوام کي ٻوليءَ جي سوال تي رت ۾ ڳاڙهو ڪيو ويو ۽ پاڪستان جي گورنر جنرل سنڌ اسيمبليءَ جي طرفان پاس ڪيل انهيءَ بل جي منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن ۾ سنڌي هندن جي ڇڏيل زمينن تي سنڌي هارين جو حق تسليم ڪيو ويو هو پر جڏهن ساڳيو بل پنجاب اسيمبليءَ پاس ڪيو ته انهيءَ کي فوري منظوري ڏني وئي.

انهيءَ ڪري جو پنجاب جو قومي اقتدار اعليٰ بحال ٿيل هو پر سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بنگال جو قومي اقتدار اعليٰ پنجابي فوج ۽ ڪامورا شاهيءَ غضب ڪري ورتو هو. انهيءَ ڪري جيڪو ماڻهو محڪوم قومن جي قومي ۽ عوامي راڄ کي پنجابي عوامي راڄ سان مشروط ڪري ٿو. اهو دراصل پنجابي قومي حڪمران طبقي جو دلال آهي ڇاڪاڻ جو اهو مظلوم ۽ مجبور قومن جي قومي ۽ عوامي راڄ کي پنجابي عوامي راڄ سان مشروط ٿو ڪري يعني اڪرن ۾ پنجابي عوام جيسين رياست تي قابض پنجابي فوجي حڪمران طبقي کان پنهنجو عوامي راڄ بحال نٿو ڪرائي، تيسين مظلوم ۽ مجبور قومن جي عوام کي پنهنجي قومي ۽ عوامي راڄ کي بحال ڪرائڻ جو ڪو حق ڪونه آهي.

فرض ڪريو ته پاڪستان جي جبري الحاق ۾ قائل ڪا به مظلوم ۽ مجبور قوم پنجابي عوامي راڄ جي بحاليءَ کان اڳ پنهنجي قومي ۽ عوامي راڄ جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪري ٿي ته پاڪستاني سوشل شاؤنسٽ انهيءَ جدوجهد ۾ هر گز شامل نه ٿيندا ڇاڪاڻ جو جيئن ته اها پنجابي عوامي راڄ جي بحاليءَ جي

آهي. تڏهن هن کي هڪ اهڙي طريقي تي عمل ڪرڻو پوندو آهي جو ڪيس غلام ڪندڙ طبقي جي خلاف متحد ڪندو آهي. ساڳي طرح جڏهن ڪا قوم غلاميءَ کان ڇوٽڪارو چاهيندي آهي، تڏهن ڪيس هڪ اهڙي طريقي تي عمل ڪرڻو پوندو آهي جيڪو ڪيس غلام ڪندڙ قوم جي خلاف متحد ڪندو آهي. ان ڪري غلاميءَ جي خلاف وڙهڻ غلام قوم جي مجبوري هوندي آهي جيڪا انهيءَ جبر جي خلاف هوندي آهي، جيڪو جابر قوم مجبور قوم تي ڪندي آهي.

پاڪستان جي جبري الحاق ۾ مجبور قومون جابر پنجابي قوم جي خلاف جڏهن وڙهنديون آهن تڏهن اها مجبور قومن جي مجبوري هوندي آهي، جيڪا کين پنهنجي جابر قوم جي خلاف متحد ڪندي آهي.

• • • • • • • ● • • • • • • • •

قوم جي عوام کي جڏهن به رت ۾ وهنجاريندو آهي، تڏهن هڪ پنجابي ماڻهو محڪوم قوم جي عوام جي حمايت ۽ رت پياڪ حڪمران گروهه جي مخالفت نه ڪندو آهي پر رهندو محڪوم قومن جي عوام کي ڪافر ۽ پاڪستان جو غدار ۽ پنهنجي رت پياڪ پنجابي فوج کي محب وطن سمجهندو آهي. تنهن ڪري ئي محڪوم قومن جي عوام جي قاتلن جي جيڪو به حمايت ڪندو آهي، محڪوم قومن جو عوام انهيءَ کي پنهنجو دشمن سمجهندو آهي، بلڪه محڪوم قومن جو عوام پنهنجي قوم جي اهڙن ماڻهن کي به پنهنجو دشمن ۽ غدار سمجهندو آهي، جيڪو رت پياڪ پنجابي فوجي ٽولي جي حمايت ڪندو آهي پر انهيءَ جي ابتڙ ڏٺو ويو آهي ته عام پنجابي ماڻهو رت پياڪ پنجابي فوجين سان گڏو گڏ محڪوم قومن جي اهڙن غدارن جي به حمايت ڪندو آهي جن کي محڪوم قومن جو عوام ٺڪاريندو آهي. پر پنجابي ماڻهو انهن غدارن جا وڏا وڏا استقبال ڪندو آهي ۽ کين هار پارائيندو آهي ۽ محڪوم قومن جي عوامي هيرن کي ڦاسين ڏيڻ جا مطالبا ڪندو آهي.

مثال طور پنجابي ماڻهو ٽيهه لک بنگالين ۽ ٽيهه هزار بلوچن جي قاتلن جنرل ٽڪا خان ۽ جنرل نيازي توڙي پير پاڳاري غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻين غدارن ۽ غارت گرن کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو آهي. جيڪي مظلوم ۽ محڪوم قومن وٽ لعنتن، ملامتن ۽ ڦٽڪارن جو شڪار رهندا آهن. محڪوم قومن جي عوام جا قاتل ۽ غدار پنجابي ماڻهن جا هيرا ۽ محسن هوندا آهن جڏهن ته اهي ساڳيا محڪوم قومن جي عوام جا قاتل غدار ۽ ولن هوندا آهن. اهڙيءَ صورتحال ۾ يا ته پنجابي عوام پنهنجي نام نهاد هيرن ۽ محسنن کي محڪوم قومن جو قاتل ۽ غدار سمجهيءَ انهيءَ ڪري پنهنجو به قاتل ۽ غدار سمجهي يا وري محڪوم قومن جو عوام انهن غدارن ۽ قاتلن کي پنهنجا هيرا ۽ محسن تصور ڪري تنهن کان پوءِ ئي گڏيل جدوجهد ٿي سگهي ٿي. ٻي صورت ۾ گڏيل جدوجهد جو ڪو سوال ئي نه ٿو اٿي جڏهن ته پنجابي ظالم ۽

قدر تہ ڪنهن ذهن ۾ پيو آهي جو سنڌي حقيقت کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي اهليت ئي ڪانہ رهي آهي ڇاڪاڻ جو جڏهن محڪوم قومن جو عوام وفاق جي گهر ڪندو هو، تڏهن ملڪ جي بچاءَ جي لاءِ پنجابي دانشور مضبوط مرڪز جي گهر ڪندا هئا ۽ هاڻ جڏهن محڪوم قومن جو عوام وفاق کان بيزار ٿي گهٽ ۾ گهٽ ڪنفيڊريشن ۽ خود اراديت جي حق جي گهر ڪري رهيو آهي. تڏهن وري وفاق جو رينگٽ شروع ٿي ويو آهي. اسان جي دعوا آهي تہ محڪوم قومن جو عوام جڏهن ڪنفيڊريشن کي بہ ٿڏي ڇڏيندو. تڏهن پنجاب جو مفاد پرست دانشور ڪنفيڊريشن لاءِ ڏٿ پير هڻندو ۽ پوءِ تاريخ سنڌن اهو سڏ بہ ڪونہ اونائيندي. ڇاڪاڻ جو پرماري مفادن جي لالچ ۾ پنجابي دانشور تاريخ کي رڳو پٺ ئي ڏياريندو رهيو آهي. انهيءَ ڪري تاريخ بہ کيس لتون ئي هڻندي رهي آهي.

حق بجانب آهي، ڇاڪاڻ جو پنجابي ماڻھوءَ جي اڪثريت جي حمايت کان سواءِ پنجاب جو ڦورو ۽ رت پياڪ حڪمران طبقو هڪ ڏينهن جي لاءِ به مظلوم قومن جي عوام جي ڦرمار جاري رکي نٿو سگهي. پنجاب جا جاگيردار، سرمائيدار، رت پياڪ فوجي ٽولو ۽ ڪامورا شاهي رکيو پنجابي ماڻھوءَ جي اخلاقي ۽ مادي حمايت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي مظلوم قومن جا جمهوري حق ڦٻايو ويٺا آهن،

محڪوم قومن جي عوام کي رکيو ان ڪري آزاديءَ جي جنگ نه ڪرڻ گهرجي يا سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي خلاف رڳو ان ڪري ويڙهاند نه ڪرڻ گهرجي جو پنجابي دانشورن جي چوڻ مطابق ته پنجابي عوام پنجابي فوج ۽ ڪاموراشاهي مان ڪونه آهي ته اها سراسر ان انسان دشمن سازش جي حمايت ڪرڻ جي برابر آهي جنهن تحت پنجابي حڪمران طبقو مظلوم قومن کي ڦريندو ۽ لٽيندو به رهي ٿو ته سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪندو به رهي ٿو، بلڪ پنجابي دانشورن جو اهو نقط نظر فوج ۽ ڪاموراشاهيءَ جي گهڻ گهرن يا طرفن حملن مان هڪ حملو آهي جيڪو پنجابي دانشور، پنجابي شاونزم لاءِ پنهنجي مقرر ٿيل مورچي تان وڙهي رهيو آهي ته جيئن مظلوم قومون ۽ خاص ڪري سنڌي عوام پنجابي فوج ۽ نوڪر شاهيءَ جي ان انسان دشمن سازش جي مزاحمت نه ڪري سگهي ته جيئن "عظيم تر پنجابي" جي اڏاوت جو ڪم عملي شڪل وٺي سگهي.

★ پنجابي ماڻهو پنهنجي پاڻ مان سياسي قيادت به ان ڪري پيدا نٿو ڪري جو انهن پنجابي فوج جي قيادت تسليم ڪري ورتي آهي. جنهن ڪري پنجابي ماڻهن کي ٻي ڪنهن قيادت جي ضرورت ئي ڪانه آهي ڇاڪاڻ جو پنجابي پرماري مفادن جو تحفظ فوج کان وڌيڪ ٻي ڪابه قيادت نٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري پنجابي ماڻهن کي ٻي ڪنهن سياسي قيادت جي ضرورت به ڪهڙي آهي؟ پنجابي پرماري مفادن کي جڏهن به فوجي قيادت

سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهڻ لاءِ تيار آهن اهي اسان جا يائر آهن.

اسان نه رڳو پنجابين جي پر انهن سنڌين جي به خلاف آهيون، جيڪي سنڌ کي ڦرينڌڙ ۽ سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪندڙ پنجابين جا ساٿاري ۽ مدد گار آهن. اسانجي وجود جا منڪر، اسانجي آزاديءَ جا مخالف پنهنجا هجن توڙي پراوا هجن، اسان سڀني سان جنگ ڪنداسون اهو اسانجو نظريو ۽ آزاديءَ جو اصول آهي.

واضع اڪثريت سان عوامي ليگ ئي چونڊون کٽي آئي هئي، انهيءَ ڪري جمهوري اصول پٽاندڙ اقتدار جون واڳون عوامي ليگ جي حوالي ڪرڻ گهرجن ها، جنهن جي عوامي ليگ دعويدار به هئي پر جيئن ته اهڙيءَ طرح انهيءَ مان پنجابي پرماري مفادن کي قانوني ۽ آئيني خطرو هو، تنهن ڪري فوج ۽ مغربي پاڪستان جي رجعت پرست ۽ پنجاب پرست سياستدانن جي طرفان شيخ مجيب الرحمان تي مسلسل دٻاءُ رکيو ويو ته اهو عوامي ليگ جي طرفان عوام کي ڏنل ڇهه نڪاتي پروگرام تان هٽ ڪٽي وڃي.

هن طرح پنجابي فوج جو خيال هو ته مجيب کي انفرادي طور بليڪ ميل ڪري عوامي ليگ جي طرفان عوام کي ڏنل ڇهه نڪاتي پروگرام تان هٽ ڪٽائجي ۽ پوءِ بنگال مان ئي پرو گرام سان غداري ڪرڻ ڪري مجيب جي خلاف آواز اٿارائي کيس فوجي بيساکين تي بيهاري [جيئن پٺي سان ڪيو ويو] ڪجهه وقت لاءِ اقتدار ۾ آڻجي ۽ پوءِ لت هڻي کيس اقتدار کان الڳ ڪيو وڃي. اهڙي طرح مجيب بنگالي عوام وٽ ڏٺو به ٿيندو ته غدار به سمجهيو ويندو. جنهن جي نتيجي ۾ بنگالي عوام مان مجيب ۽ عوامي ليگ جي اڻ ڏوٻجي ويندي ۽ بنگالي عوام انتشار مايوسي ۽ انارڪيءَ جو شڪار ٿي ويندو. جنهن ڪري فوج کي وري به ڪجهه وقت لاءِ سڌو سنئون اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو.

هن سموريءَ چال توڙي مڪاريءَ کي مجيب ۽ سندس ساٿين ڇاتو ٿي تنهن ڪري سندن چوڻ هو ته عوام کين حڪومت ڪرڻ جو حق ڏئي ڇڏيو آهي ۽ عوام جي انهيءَ حق سان سودي بازيءَ جو مطلب عوام سان غداريءَ جي برابر آهي جيڪو شيوو ۽ ڪردار فوج جو ته ٿي سگهي ٿو پر هڪ عوامي اڳواڻ لاءِ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ جو عوام کيس وڏي اڪثريت سان حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو آهي. انهيءَ ڪري فوج کي حق نه ٿو پهچي ته اها سودي بازيءَ لاءِ زور پري. پهرين ته حڪومت جون واڳون عوامي ليگ جي حوالي ڪيون وڃن. انهيءَ کان پوءِ جيڪڏهن

هن دنيا ۾ انسان موجود آهن تيستائين هٽلر ۽ انهيءَ جـي ساٿين تي ڦٽڪار وسندي رهندي. پر هيءَ تـه هڪ ننڍڙي ستن ڪـروڙ ماڻهن جي ملڪ جا رڳو نون مهينن جي اندر ٽيهه لک ماڻهوموت جي منهن ۾ ڏئي آيا آهن. جيڪا ڳالهه ظاهر ٿي ڪري ته پنجابي فوج هڪڙو اهڙو غير ذميوار ۽ انساني احساس کان ڪورو وحشي درندن جو اجتماع آهي جنهن کي مهلڪ هٿيارن سان مسلح ڪرڻ انسان ذات جي توهين ۽ نياڳ آهي. انهيءَ ڪري سموري دنياجي ماڻهن، قومن ۽ ملڪن کي انهيءَ ڏانهن توجهه ڏيڻ گهرجي ۽ هن غيرذميوار ۽ انساني احساس کان وانجهيل فوج کي انـسان دشمن مهلڪ هٿيارن کان وانجهي رکڻ جي هرممڪـن ڪوشش ڪـرڻ گهرجي ته جيئن هن غيرذميوار وحشي درندن جي اجتماع کيانسان دشمن هٿيارن کان آهو رکي سگهجي نه ته هن انسان دشمن فوجي درندن کي خدا نه خواسته ڪو اهڙو خطرناڪ هٿيار يعني ائٽم بم وغيره هٿ اچي ويو ته هي درندا انسان ذات کـي تباهه ۽ بـربـاد ڪندي دير نـه ڪندا، جنهـن لاءِ ملڪـي ۽ غيـر ملڪي انسان دوست ۽ امن پسند قوتن جو فرض آهي ته اهي پنجابي فـوج کي غير هٿيار بند ڪرڻ لاءِ هرڪا ممڪن ڪوشش ڪن.

## iV

نيٺ نون مهينن جي رتو ڇاڻ کان پوءِ هندستان۽ سوويت يونين جي مدد سان بنگالي عوام کي آزادي حاصل ٿي ۽ نوي هزار پنجابي فوجي هندستان وٽ قيد ٿي ويا. بنگالي عـوام کـي پنجابي فوج جي خلاف ايتري قدر ته نفرت ۽ اشتعال هو جو اهي ٽڏي تـي پنجابي فوجين کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا پر هندستان جي فوج وچ ۾ پئي. ڪين بچائي ورتو، هندستاني فوج کي اڄ به اهي پنجابي فوجي گاريون ڏيندا آهن، جن کي هندستاني فوج بنگالين جي موت جي چنبي کان بچائي ورتو هو. تڏهن به پاڪستانيسوشلشاؤنسٽ چوندا آهن ته مجيب آمريڪا جو ايجنٽ هو، جڏهن تـه مجيب ۽ بنگالي عوام جي حمايت توڙيمدد سوويت يونين ۽ هندستان ڪئي.

☆ جيتوڻيڪ ملڪ جي ٻه اڌ ٿي وڃڻ کان پوءِ باقي بچيل اڌ اسيمبليءَ کي آئين سازيءَ جو ڪوبه حق ڪونه هو. ڇاڪاڻ جو اها اسيمبلي گڏيل ملڪ لاءِ چونڊيل هئي. حقيقي جمهوريت جي تقاضا اها هئي ته ملڪ جي اڌو اڌ ٽٽڻ کان پوءِ نئين سر چونڊون ڪرايون وڃن ها ۽ انهيءَ نئين اسيمبلي کي آئين سازيءَ جو حق ڏنو وڃي ها. پر جيئن ته پنڌو فوج ۽ آمريڪا جو خاص ماڻهو هو، انهيءَ ڪري انهيءَ کي اقتدار تي وهاري آئين ٺهرايو ويو. جنهن آئين ۾ قومن جي وجود کان انڪار جي بنياد تي ملڪ جي سڀني ماڻهن کي هر صوبي ۾ اچڻ وڃڻ رهائش اختيار ڪرڻ ۽ روزگار ڪرڻ جو حق ڏنو ويو نتيجي ۾ سنڌ ۾ اڳئي جيڪا لوڌ اچي رهي هئي انهيءَ کي آئيني تحفظ ملي ويو جنهن ڪري اها لوڌ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اچڻ لڳي ۽ سنڌي قوم جي اقليت ۾ ٽيڻ جا دروازا کلي ويا. هن ملڪ ۾ آئين کان مسلسل انحراف به رکيو ان ڪري ڪيو ويو آهي جو دستور جي غير موجودگيءَ هيٺ صوبن ۽ مرڪز ۾ دولت ۽ اقتدار جي قانوني ورهاست ڪرڻي ڪانه آهي. ڇاڪاڻ جو پنجابي پرماري مفادن جي بالادستي رکيو دستور توڙي قانون جي غير موجودگيءَ ۾ ٽيڪي آهي، ان ڪري پنجابي حڪمران طبقي پنهنجن طبقاتي مفادن توڙي قومي بالادستيءَ لاءِ اهو ئي بهتر سمجهيو آهي ته دولت ۽ اقتدار جي حقيقي برابريءَ جي بنيادن تي ورهاست ڪڏهن به ڪرڻي ڪانه آهي. اهو ئي سبب آهي جو پنجابي حڪمران طبقي دستور جي اهميت کان انڪار ڪري سامراجي لاڳاپن هيٺ ملڪ کي سامراجي دفاعي ۽ اقتصادي معاهدن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. ته جيئن وقت به وقت عوام کي خاص ڪري مظلوم قومن جي عوام کي سامراجي دفاعي معاهدن جي مدد سان ڪچلي سگهجي.

پنجابي حڪومت جي طرفان سنڌي ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ اهو رڳو ٽيلر ڏيکاريو ويو ته جيڪڏهن سنڌي عوام ٻيهر ڪا اهڙي حرڪت ڪئي ته سنڌ جي ترقي ۽ ماڻهن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏبي. جنهن ڪري سنڌي ماڻهن کي پاڻيءَ جي هڪ ڦڙيءَ لاءِ به ڦٿڪي ساهه ڏيڻو پوندو.

هن معاملي لاءِ جڏهن سنڌي ميمبر پنجابي ميمبرن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ويا، تڏهن پنجابي ميمبرن سنڌن اها جٽ ڪئي جيڪا حاڪم ماڻهو محڪومن سان ڪندا آهن، ڇاڪاڻ جو پنجابي ميمبرن پاڻ لاءِ اها گهٽتائي سمجهي ته هڪ غلام قوم جا ماڻهو ڪانئن پاڻيءَ جي حصي گهرڻ جي رڳو جرئت به ڪيئن ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي ميمبرن کي اهڙي همٿ ڇو ٿي آهي جو اهي هلي ملهي پنجاب جي اسيمبليءَ جي ميمبرن کان پاڻيءَ جي حصي ڇڪائڻ لاءِ ڳالهائڻ آيا آهن. جڏهن ته هن ڳالهه کان اڳ سنڌي ميمبر نه رڳو چپ چاپ ڏسندا رهندا آهن پر سندن انهيءَ شرمناڪ عمل جي حمايت به ڪندا آهن ته پوءِ هن ڀيري سندن مغز ۾ اهڙي هوا ڪنهن ڀري آهي جو غلام آقائن جي برابري ڪرڻ لڳا آهن.

iii

١٩٨٥ع ۾ پاڻيءَ جي مسئلي تي پنجابي ميمبرن جيڪو موقف اختيار ڪيو انهيءَ مان صاف طور واضح ٿي ويو آهي ته پنجابي ماڻهو سنڌي ماڻهن کي سندن جائز حق ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه آهن. جيڪي ماڻهون اڃان به پنجابي ماڻهن مان اها اميد رکيو ويٺا آهن ته اهي سڌري ويندا ۽ مظلوم قومن کي مهذب طريقي سان سمورا حق ڏيڻ لاءِ هڪ نه هڪ ڏينهن تيار ٿي ويندا، سي دراصل يا ته احمقن جي دنيا ۾ رهن ٿا يا سنڌي ماڻهن کي پنجابين جو غلام ۽ محتاج ڏسڻ جا عادي ٿي ويا آهن.

اسان انهن ماڻهن کان پڇڻ چاهيون ٿا ته ڪنهن هڪ پنجابي ماڻهوءَ ۾ اها اخلاقي سگهه آهي جو اهو سنڌي ماڻهن جي حقن جي بنا ڪنهن غرض جي حمايت ڪري سگهي. يا منگلا،

ڪرڻي پوندي يعني يا ته سوشلزم کي قبول ڪرڻو پوندو يا جو نر ۾ هندن برگ جي قانونن اڳيان سر تسليم ڪرڻو پوندو يا ته انقلابي جدوجهد ڪرڻي پوندي يا سامراج جي خوشامد ڪرڻي پوندي. وچ واري واٽ جو ڪوبہ وجود ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ”وچ واري واٽ“ جا رياڪار (يا ڪند ذهن) خالق پورهيت طبقي کي اڳ ئي تمام گهڻو ۽ حد کان وڌيڪ نقصان رسائي رهيا آهن.

جولاءِ ۽ آگسٽ ١٩١٥ع ۾ لکيو ويو
جلد ٢١ ص ٢٦٥—٢٦٦
پهريون ڀيرو ١٩٢٤ع ۾ رسالي ”پرولتارسڪايارديوويو تسيا“ شمارو ٥ (٢٨) ۾ دستخط کان سواءِ ڇپيو
[”اقوام مشرق جي تحريڪ آزادي“ جي صفحي ١٤٨ کان ١٥١]